ضَوَارِبُ: ضَوَارِبُ کي ضَارِبَةٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ثاني کي ”واو مفتوح“ سان مٽائي ٽئين جاءِ تي ”الف“ علامت جمع مذڪر مڪسر جي آڻي ”تا“ علامت واحد مؤنث جي ۽ تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪبو ضديت ۽ منع صرف جي ڪري ته ضَارِبَةٌ مان ضَوَارِبُ ٺهي پوندو.

ضُرَّبٌ: ضُرَّبٌ کي ضَارِبَةٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي ضمو ڏيئي ثاني کي حذف ڪري ”عين“ ڪلمي کي مشدّد مفتوح ڪبو ته ضَارِبَةٌ مان ضُرَّبٌ ٺهي پوندو.

ضُوَيْرِبٌ: ضُوَيْرِبُ کي ضَارِبٌ مان ٺاهبو. حرف اول کي ضمو ڏيئي ثاني کي ”واو مفتوح“ سان بدلائي ٽئين جاءِ تي ”يا ساڪن“ علامت تصغير جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف آهي انکي ڪسرو ڏبو ته ضَارِبٌ مان ضُوَيْرِبُ ٺهي پوندو.

ضُوَيْرِبَةٌ: ضُوَيْرِبَةٌ کي ضَارِبَةٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي ضمو ڏيئي ثاني کي ”واو مفتوح“ سان بدلائي ٽئين جاءِ تي ”يا ساڪن“ علامت تصغير جي آڻبي ته ضَارِبَةٌ مان ضُوَيْرِبَةٌ ٺهي پوندو.


مَضْرُوْبَتَانِ
مَضْرُوْبَاتٌ
مَضَارِيْبُ
مُضَيْرِيْبَةٌ
مَضْرُوْبَانِ
مَضْرُوْبُوْنَ
مَضْرُوْبَةٌ
مَضَارِيْبُ
مُضَيْرِيْبٌ
مَضْرُوْبٌ
يُضْرَبُ

اسم مفعول جي بناء

مَضْرُوْبٌ: مَضْرُوْبٌ کي يُضْرَبُ مان ٺاهيو. ”يا“ علامت مضارعة جي کي حذف ڪري ان جي جاءِ تي ”ميم“ مفتوح علامت اسم مفعول جي آڻي ”عين“ ڪلمي کي ضمّہ ڏيئي ۽ ان ڪانپوءِ تنوين تمڪن علامت اسميت جي ان جي آخر ۾ آڻي تہ مَضْرُبٌ ٿي پوندو. ”عين“ ڪلمي جي ضمّي کي ڊگھو ڪيو تہ ”واو“ پيدا ٿي پوندو، تانجو مَضْرُبٌ مان مَضْرُوْبٌ ٿي پوندو.

مَضْرُوْبَانِ: مَضْرُوْبَانِ کي مَضْرُوْبٌ مان ٺاهيو. ”الف“ علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ ”نون“ مڪسور عيوض ضمّي جي يا تنوين جي يا ٻنهي جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻيو تہ مَضْرُوْبٌ مان مَضْرُوْبَانِ ٿي پوندو.

مَضْرُوْبُوْنَ: مَضْرُوْبُوْنَ کي مَضْرُوْبٌ مان ٺاهيو. ”واو ساڪن“ علامت جمع مذڪر سالم جي ضمّي ماقبل سان ۽ ”نون مفتوح“ عيوض ضمّي يا تنوين يا ٻنهي جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻيو تہ مَضْرُوْبٌ مان مَضْرُوْبُوْنَ ٿي پوندو.

مَضْرُوْبَةٌ: مَضْرُوْبَةٌ کي مَضْرُوْبٌ مان ٺاهيو. ”تا“ علامت واحد مؤنث جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻي اعراب کي ”تا“ تي جاري ڪيو ڇو تہ آخري ڪلمو آهي تہ مَضْرُوْبٌ مان مَضْرُوْبَةٌ ٿي پوندو.

مَضْرُوْبَتَانِ: مَضْرُوْبَتَانِ کي مَضْرُوْبَةٌ مان ٺاهيو. ”الف“ علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ ”نون مڪسور“ عيوض ضمّي جي يا تنوين جي يا ٻنهي جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻيو تہ مَضْرُوْبَةٌ مان مَضْرُوْبَتَانِ ٿي پوندو.

مَضْرُوْبَاتٌ: مَضْرُوْبَاتٌ کي مَضْرُوْبَةٌ مان ٺاهيو. ”الف“ ۽ ”تا“ علامت جمع مؤنث سالم جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻي، اعراب کي ”تا“ تي جاري ڪيو ڇو تہ آخري ڪلمو آهي تہ مَضْرُوْبَتَاتٌ ٿي پوندو ٻہ علامتون مؤنث جو گڏ ٿيون ”تا“ علامت

واحد جي كي حذف ڪبو تا تہ مَضْرُوْبَتَاتٌ مان مَضْرُوْبَاتٌ ٺهي پوندو.

مَضَارِيْبُ: مَضَارِيْبُ کي مَضْرُوْبٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ٿاني کي فتح ڏيئي ٿئين جاءِ تي "الف" علامت جمع مڪسر مشترڪ جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف هوندو ان کي ڪسرو ڏئي "واو" کي "يا ساڪن" سان مٽائبو ۽ تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪبو منع صرف جي ڪري تہ مَضْرُوْبٌ مان مَضَارِيْبُ ٺهي پوندو.

مُضَيْرِيْبٌ: مُضَيْرِيْبٌ کي مَضْرُوْبٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي ضمّو ڏئي ٿانيءَ کي فتح ڏئي ٿئين جاءِ تي "يا" ساڪن علامت تصغير جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏيئي "واو" کي "يا" سان مٽائبو تہ مَضْرُوْبٌ مان مُضَيْرِيْبٌ ٺهي پوندو.

مُضَيْرِيْبَةٌ: مُضَيْرِيْبَةٌ کي مَضْرُوْبَةٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي ضمّو ٿاني کي فتح ڏيئي ٿين جاءِ تي "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف آهي ان کي ڪسرو ڏيئي "واو" کي "يا" سان مٽائبو تہ مَضْرُوْبَةٌ مان مُضَيْرِيْبَةٌ ٺهي پوندو.


شُرَيِّفَةٌ
شَرَآئِفُ
شَرِيْفَاتٌ
شَرِيْفَتَانِ
شَرِيْفَةٌ
شُرُفٌ
شُرُوْفٌ
شِرَافٌ
شِرْفَانٌ
اَشْرَافٌ
شُرْفَانٌ
اَشْرِفَآءُ
شُرَفَآءُ
اَشْرِفَةٌ
شَرِيْفُوْنَ
شُرَيِّفٌ
شَرِيْفَانِ
شَرِيْفٌ
يَشْرُفُ

صفت مشبہ جي بناء

شَرِيْفٌ: شَرِيْفٌ کي يَشْرُفُ مان ٺاھبو. ”يا“ حرف مضارعة جي کي حذف ڪري ”فا“ ڪلمي کي فتح ڏيئي ”عين“ ڪلمي کي ڪسرو ڏيئي ٽئين جاءِ تي ”يا ساڪن“ علامت صفت مشبہ جي آڻي تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي ان جي آخر ۾ آڻبو تہ يَشْرُفُ مان شَرِيْفٌ ٺهي پوندو.

شَرِيْفَانِ: شَرِيْفَانِ کي شَرِيْفٌ مان ٺاھبو. ”الف“ علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ ”نون مڪسور“ عيوض ضمّي جي يا تنوين جي يا ٻنهي جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻبو تہ شَرِيْفٌ مان شَرِيْفَانِ ٺهي پوندو.

شَرِيْفُوْنَ: شَرِيْفُوْنَ کي شَرِيْفٌ مان ٺاھبو. ”واو ساڪن“ علامت جمع مذڪر سالم جي ضمّي ماقبل سان ۽ ”نون مفتوح“ عيوض ضمّي جي يا تنوين جي يا ٻنهي جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻبو تہ شَرِيْفٌ مان شَرِيْفُوْنَ ٺهي پوندو.

شُرَفَآءُ: شُرَفَآءُ کي شَرِيْفٌ مان ٺاھبو. حرف پهرين کي ضمّو ۽ ”عين“ ڪلمي کي فتح ڏيئي ان کانپوءِ ”يا ساڪن“ علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪري ”الف ممدوده“ علامت جمع مذڪر مڪسر جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻي تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪبو منع صرف جي ڪري تہ شَرِيْفٌ مان شُرَفَآءُ ٺهي پوندو.

شُرْفَانٌ: شُرْفَانٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاھبو. حرف پهرين کي ضمّو ثاني کي ساڪن ڪري ”يا ساڪن“ علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪري ان کانپوءِ ”الف“ ۽ ”نون“ علامت جمع مذڪر مڪسر جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻي تنوين کي ”نون“ تي جاري ڪبو ڇو تہ آخري ڪلمو آهي تہ شَرِيْفٌ مان شُرْفَانٌ ٺهي پوندو.

شِرْفَانٌ: شِرْفَانٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاھبو. حرف پهرين کي ڪسرو ڏيئي ”عين“ ڪلمي کي ساڪن ڪري ”يا ساڪن“ علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪري

"الف" ۽ "نون" علامت جمع مذڪر مڪسر جي ان جي آخر ۾ آئي اعراب کي "نون" تي جاري ڪبو چو تہ آخري ڪلمو آهي تہ شَرِيْفٌ مان شِرْفَانٌ ٺهي پوندو.

شِرَافٌ: شِرَافٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي ڪسرو ۽ عين ڪلمي کي فتح ڏيئي ٽئين جاءِ تي "الف" علامت جمع مذڪر مڪسر جي آئي "يا ساڪن" علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪبو تہ شَرِيْفٌ مان شِرَافٌ ٺهي پوندو.

شُرُوْفٌ: شُرُوْفٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين ۽ ثاني کي ضمّو ڏيئي ان کان پوءِ "واو ساڪن" علامت جمع مذڪر جي آئي "يا ساڪن" علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪبو تہ شَرِيْفٌ مان شُرُوْفٌ ٺهي پوندو.

شُرُفٌ: شُرُفٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين ۽ ثاني کي ضمّو ڏيئي ان کان پوءِ "يا ساڪن" علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪبو تہ شَرِيْفٌ مان شُرُفٌ ٺهي پوندو.

اَشْرَافٌ: اَشْرَافٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاهبو. "همزو مفتوح" "فا" ڪلمي ساڪن سان ان جي منڍ ۾ آئي "عين" ڪلمي کي فتح ڏيئي ان کان پوءِ"الف" علامت جمع مذڪر مڪسر جي آئي "يا" ساڪن علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪبو تہ شَرِيْفٌ مان اَشْرَافٌ ٺهي پوندو.

اَشْرِفَاءُ: اَشْرِفَاءُ کي شَرِيْفٌ مان ٺاهبو. "همزو مفتوح" "فا" ڪلمي ساڪن سان ان جي منڍ ۾ آئي "عين" ڪلمي کي ڪسرو ڏيئي "يا" ساڪن علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪري "الف" ممدودو علامت جمع مذڪر مڪسر جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آئي تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪبو منع صرف جي ڪري تہ شَرِيْفٌ مان اَشْرِفَاءُ ٺهي پوندو.

اَشْرِفَةٌ: اَشْرِفَةٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاهبو. "همزو مفتوح""فا" ڪلمي ساڪن سان ان جي منڍ ۾

آئي "عين" ڪلمي کي ڪسرو ڏيئي "يا" ساڪن علامت صفت مشبہ جي کي حذف ڪري "تا متحرڪ" فتح ماقبل سان ان جي آخرِ آئي اعراب کي "تا" تي جاري ڪبو چو تہ آخري ڪلمو آهي تہ شَرِيْفٌ مان اَشْرِفَةٌ ٿهي پوندو.

شَرِيْفَةٌ: شَرِيْفَةٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاهبو. "تا" علامت واحد مؤنث جي فتح ماقبل سان ان جي آخرِ آئي اعراب کي "تا" تي جاري ڪبو چو تہ آخري ڪلمو آهي تہ شَرِيْفٌ مان شَرِيْفَةٌ ٿهي پوندو.

شَرِيْفَتَانِ: شَرِيْفَتَانِ کي شَرِيْفَةٌ مان ٺاهبو. "الف" علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ "نون مڪسور" عيوض ضمّي جي يا تنوين جي يا ٻنهي جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻبو تہ شَرِيْفَةٌ مان شَرِيْفَتَانِ ٿهي پوندو.

شَرِيْفَاتٌ: شَرِيْفَاتٌ کي شَرِيْفَةٌ مان ٺاهبو. "الف" ۽ "تا" علامت جمع مؤنث جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾آئي اعراب کي "تا" تي جاري ڪبو چو تہ آخري ڪلمو آهي. تہ شَرِيْفَتَاتٌ ٿهي پوندو. ہہ علامتون تانيث جون هڪ جنس کان گڏ ٿيون، "تا" علامت واحد جي کي حذف ڪبو تہ شَرِيْفَتَاتٌ مان شَرِيْفَاتٌ ٿهي پوندو.

شَرَآئِفُ: شَرَآئِفُ کي شَرِيْفَةٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ثاني کي فتح ڏيئي ٽئين جاءِ تي "الف" علامت جمع مؤنث مڪسر جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏبو "تا" واحد ۽ تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪبو ضديت ۽ منع صرف جي ڪري تہ شَرِيْفَةٌ مان شَرَآيِفُ ٿهي پوندو. "يا" واقع ٿي بعد "الف" مفاعل جي ان کي همزه سان مٽائبو تہ شَرَآيِفُ مان شَرَآئِفُ ٿهي پوندو.

شُرَيِّفٌ: شُرَيِّفٌ کي شَرِيْفٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي ضمّو ۽ ثاني کي فتح ڏيئي، ٽئين جاءِ تي "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف آهي ان کي

ڪسرو ڏبو تہ شُرَيْيِفٌ ٿي پوندو. پوءِ ٻہ حرف هڪ جنس جا گڏ ٿيا پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ، پهرين کي ٻئي ۾ ادغام ڪبو تہ شُرَيْيِفٌ مان شُرَيِّفٌ ٿي پوندو.

شُرَيِّفَةٌ: شُرَيِّفَةٌ کي شَرِيْفَةٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي ضمّو ثاني کي فتح ڏيئي ان کانپوءِ "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏبو تہ شُرَيْيِفَةٌ ٿي پوندو. ٻہ حرف هڪ جنس جا گڏ ٿيا. پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ. پهرين کي ٻئي ۾ ادغام ڪبو تہ شُرَيْيِفَةٌ مان شُرَيِّفَةٌ ٿي پوندو.

فعل جحد معلوم ۽ مجهول جي بناء

لَمْ يَضْرِبْ ۽ لَمْ يُضْرَبْ اِلٰي آخره: لَمْ يَضْرِبْ ۽ لَمْ يُضْرَبْ اِلٰي آخره کي يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ اِلٰی آخره مان ٺاهبو. "لَمْ" جازم جحديہ ان جي منڍ ۾ آڻي تہ آخر کي جزم ڪندي. علامت جزم جي ڪري ڪرڻ حرڪت جو ٿيندو پنجن پنجن صيغن ۾. ڪرڻ "نون اعرابي" جو ٿيندو ستن ستن صيغن ۾. ڪرڻ ڪنهن شيءِ جو نہ ٿيندو ٻن ٻن صيغن ۾، ڇو تہ مبني آهن تہ يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ اِلٰی آخره مان لَمْ يَضْرِبْ ۽ لَمْ يُضْرَبْ اِلٰي آخره ٿي پوندا.

فعل نفي معلوم ۽ مجهول جي بناء

لَا يَضْرِبُ ۽ لَا يُضْرَبُ اِلٰی آخره: لَا يَضْرِبُ ۽ لَا يُضْرَبُ اِلٰی آخره کي يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ اِلٰی آخره مان ٺاهبو. "لَا" نافيہ ان جي منڍ ۾ آڻي تہ آخر کي ڪجھ نہ ڪندي مگر مثبت معنیٰ کي منفي ڪندي، تہ يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ اِلٰی آخره مان لَا يَضْرِبُ ۽ لَا يُضْرَبُ اِلٰی آخره ٿي پوندا.

لَنْ يَّضْرِبَ ۽ لَنْ يُّضْرَبَ اِلٰی آخره: لَنْ يَّضْرِبَ ۽ لَنْ يُّضْرَبَ اِلٰی آخره کي يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ اِلٰی

آخرہ مان ٺاهبو. "لَنۡ" ناصبہ ٺاڪيديہ ان جي منڍ ۾ آڻي تہ آخر کي نصب ڪندي، علامت نصب جي ڪري زبر کي ظاهر پڙهيو ويندو پنجن پنجن صيغن ۾، ڪرڻ "نون اعرابي" جو ٿيندو ستن ستن صيغن ۾ ۽ ڪرڻ ڪنهن شيءِ جو نہ ٿيندو ٻن ٻن صيغن ۾ ڇو تہ مبني آهن تہ يَضۡرِبُ ۽ يُضۡرَبُ اِلیٰ آخرہ مان لَنۡ يَّضۡرِبَ ۽ لَنۡ يُّضۡرَبَ اِلیٰ آخرہ ٺهي پوندا.

فعل امر معلوم ۽ مجهول جي بناء

اِضۡرِبۡ اِلیٰ آخرہ: اِضۡرِبۡ اِلیٰ آخرہ (سواءِ متڪلم) کي تَضۡرِبُ اِلیٰ آخرہ (سواءِ متڪلم) مان ٺاهبو. "تا" حرف مضارعة جي کي حذف ڪبو مابعد ساڪن آهي "عين" ڪلمو غير مضمّوم آهي، "همزو وصلي مڪسور" ان جي منڍ ۾ آڻي، آخر کي وقف ڪبو. علامت وقف جو ڪرڻ حرڪت جو ٿيندو هڪ صيغي ۾ ۽ ڪرڻ نون اعرابي جو ٿيندو چار صيغن ۾ ڪرڻ ڪنهن شيءِ جو نہ ٿيندو هڪ صيغي ۾ ڇو تہ مبني آهي تہ تَضۡرِبُ اِلیٰ آخرہ (سواءِ متڪلم) مان اِضۡرِبۡ اِلیٰ آخرہ (سواءِ متڪلم) ٺهي پوندو.

اِضۡرِبَنَّ: اِضۡرِبَنَّ کي اِضۡرِبۡ مان ٺاهبو. "نون ٺاڪيد ثقيلہ" فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻبو تہ اِضۡرِبۡ مان اِضۡرِبَنَّ ٺهي پوندو.

اِضۡرِبَانِّ: اِضۡرِبَانِّ کي اِضۡرِبَا مان ٺاهبو. "نون ٺاڪيد ثقيلہ" ان جي آخر ۾ آڻبو تہ اِضۡرِبَا مان اِضۡرِبَانَّ ٿي پوندو. "نون" جي فتح کي ڪسري سان بدلائبو، تثنيہ جي "نون" سان مشابهت جي ڪري تہ اِضۡرِبَانَّ مان اِضۡرِبَانِّ ٺهي پوندو.

اِضۡرِبُنَّ: اِضۡرِبُنَّ کي اضۡرِبُوۡا مان ٺاهبو. "نون ٺاڪيد ثقيلہ" ان جي آخر ۾ آڻبو تہ التقاءِ ساڪنين ٿي پوندو "واو" ۽ "نون" مدغم جي وچ ۾، پهريون ساڪن مدّو آهي ان کي حذف ڪبو ۽ "با" جي ضمّي کي باقي رکبو تہ "واو" جي ڪِرڻ تي ڏس ڏيئي تہ اِضۡرِبُوۡا مان اِضۡرِبُنَّ ٺهي پوندو.

اِضْرِبِنَّ: اِضْرِبِنَّ کي اضْرِبِي مان ٺاھيو. ”نون تاڪيد ثقيلہ“ ان جي آخر ۾ آڻيو تہ التقائي ساڪنين ٿي پوندي. ”يا“ ۽ ”نون“ مدغم جي وچ ۾ ڀريون مدّو آھي، ان کي حذف ڪيو ۽ ”يا“ جي ڪسري کي باقي رکيو تہ ”يا“ جي ڪرڻ تي ڏس ڏيئي تا تہ اِضْرِبِي مان اِضْرِبِنَّ ٺھي پوندو.

اِضْرِبْنَانِّ: اِضْرِبْنَانِّ کي اِضْرِبْنَّ مان ٺاھيو. ”نون تاڪيد ثقيلہ“ ان جي آخر ۾ آڻيو تہ اِضْرِبْنَنَّ ٿي پوندو. ٽي ”نون“ گڏ ٿيا. ”الف فاصلي“ جو ان جي وچ ۾ آڻيو تہ اِضْرِبْنَانَّ ٿي پوندو. ”نون“ جي فتح کي ڪسري سان بدلائيو تثنيہ جي ”نون“ سان مشابهت جي ڪري تہ اِضْرِبْنَانَّ مان اِضْرِبْنَانِّ ٿي پوندو.

اِضْرِبَنْ: اِضْرِبَنْ کي اِضْرِبْ مان ٺاھيو. ”نون تاڪيد خفيفہ“ فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻيو تہ اِضْرِبْ مان اِضْرِبَنْ ٺھي پوندو.

اِضْرِبُنْ: اِضْرِبُنْ کي اِضْرِبُوْا مان ٺاھيو. ”نون تاڪيد خفيفہ“ ان جي آخر ۾ آڻيو تہ التقاءِ ساڪنين ٿي پوندي. ”واو“ ۽ ”نون خفيفہ“ جي وچ ۾، ڀريون مدّو ھيو ان کي حذف ڪري ”با“ جي ضمّي کي باقي رکيو تا تہ ”واو“ جي ڪرڻ تي ڏس ڏيئي تہ اِضْرِبُوْا مان اِضْرِبُنْ ٺھي پوندو.

اِضْرِبِنْ: اِضْرِبِنْ کي اِضْرِبِي مان ٺاھيو. ”نون تاڪيد خفيفہ“ ان جي آخر ۾ آڻيو تہ التقاءِ ساڪنين ٿي پوندي. ”يا“ ۽ ”نون خفيفہ“ جي وچ ۾، ڀريون مدّو ھيو ان کي حذف ڪري ”يا“ جي ڪسري کي باقي رکيو تہ ”يا“ جي ڪرڻ تي ڏس ڏيئي تہ اِضْرِبِي مان اِضْرِبِنْ ٺھي پوندو.

لِتُضْرَبْ اِلیٰ آخرہٖ (سواءِ متڪلم): لِتُضْرَبْ اِلیٰ آخرہٖ (سواءِ متڪلم) کي تُضْرَبُ اِلیٰ آخرہٖ (سواءِ متڪلم) مان ٺاھيو. ”لام“ امر جو مڪسور جازم ان جي منڍ ۾ آڻيو تہ آخر کي جزم ڪندو. ڪرڻ حرڪت جو ٿيندو ھڪ صيغہ ۾، ڪرڻ

”نون اعرابن“ جو ٿيندو ڇهن صيغن ۾، ڪرڻ ڪنهن شيءِ جو نه ٿيندو هڪ صيغي ۾ ڇو ته مبني آهي ته تُضْرَبُ اِلیٰ آخره (سواءِ متڪلم) مان لِتُضْرَبْ اِلیٰ آخره (سواءِ متڪلم) نهي پوندو.

لِيَضْرِبْ ۽ لِيُضْرَبْ الیٰ آخره (سواءِ مخاطب): لِيَضْرِبْ ۽ لِيُضْرَبْ الیٰ آخره (سواءِ مخاطب) ڪي يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ الیٰ آخره (سواءِ مخاطب) مان ناهبو. ”لام“ امر جو جازم مڪسور ان جي منڍ ۾ آڻبو ته آخر ڪي جزم ڪندو. ڪِرڻ حرڪتن جو ٿيندو ڇهن ڇهن صيغن ۾. ڪِرڻ ”نون اعرابن“ جو ٿيندو ٽن ٽن صيغن ۾ ۽ ڪِرڻ ڪنهن شيءِ جو نه ٿيندو هڪ صيغي ۾ ڇو ته مبني آهي ته يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ الیٰ آخره (سواءِ مخاطب) مان لِيَضْرِبْ ۽ لِيُضْرَبْ الیٰ آخره (سواءِ مخاطب) نهي پوندو.

فعل نهي معلوم ۽ مجهول جي بناء

لَاتَضْرِبْ ۽ لَاتُضْرَبْ اِلیٰ آخره (سواءِ متڪلم): لَاتَضْرِبْ ۽ لَاتُضْرَبْ اِلیٰ آخره (سواءِ متڪلم) ڪي تَضْرِبُ ۽ تُضْرَبُ اِلیٰ آخره (سواءِ متڪلم) مان ناهبو. ”لا ناهيه جازمه“ ان جي منڍ ۾ آڻبي ته آخر ڪي جزم ڪندي. علامت جزم جي ڪري ڪِرڻ حرڪت جو ٿيندو هڪ صيغي ۾، ڪرڻ نون اعرابن جو ٿيندو ڇهن ڇهن صيغن ۾، ڪرڻ ڪنهن شيءِ جو نه ٿيندو هڪ صيغي ۾ ڇو ته مبني آهي ته تَضْرِبُ ۽ تُضْرَبُ اِلیٰ آخره (سواءِ متڪلم) مان لَاتَضْرِبْ ۽ لَاتُضْرَبْ اِلیٰ آخره (سواءِ متڪلم) نهي پوندا.

لَايَضْرِبْ ۽ لَايُضْرَبْ اِلیٰ آخره (سواءِ مخاطب): لَايَضْرِبْ ۽ لَايُضْرَبْ اِلیٰ آخره (سواءِ مخاطب) ڪي يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ اِلیٰ آخره (سواءِ مخاطب) مان ناهبو. ”لا ناهيه جازمه“ ان جي منڍ ۾ آڻبي ته آخر ڪي جزم ڪندي. علامت جزم جي ڪري ڪرڻ

حرڪتن جو ٿيندو چئن چئن صيغن ۾ ۽ ڪرڻ ”نون اعرابن“ جو ٿيندو ٽن ٽن صيغن ۾، ڪرڻ ڪنھن شيءِ جو نہ ٿيندو ھڪ ھڪ صيغي ۾ چو تہ مبني آھن تہ يَضْرِبُ ۽ يُضْرَبُ اِلیٰ آخرہٖ (سواءِ مخاطب) مان لَايَضْرِبُ ۽ لَايُضْرَبُ اِلیٰ آخرہٖ (سواءِ مخاطب) نھي پوندا.



اسم ظرف جي بناء

مَضْرِبٌ : مَضْرِبٌ کي يَضْرِبُ مان ناهبو. "يا" حرف مضارعت جي کي حذف ڪري ان جاءِ تي "ميم" مفتوح علامت اسم ظرف جي آڻي ان کانپوءِ تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي ان جي آخر ۾ آڻبو ته يَضْرِبُ مان مَضْرِبٌ ٺهي پوندو.

مَضْرِبَانِ: مَضْرِبَانِ کي مَضْرِبٌ مان ناهبو. "الف" علامت تثنيه جي فتح ماقبل سان ۽ "نون مڪسور" عيوض "ضمّي" جي يا "تنوين" جي يا ٻنهي جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻبو ته مَضْرِبٌ مان مَضْرِبَانِ ٺهي پوندو.

مَضَارِبُ: مَضَارِبُ کي مَضْرِبٌ مان ناهبو. حرف پهرين ۽ ثانيءَ کي فتح ڏيئي ٽيئن جاءِ تي "الف" علامت جمع مڪسر جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي

ڪسرو ڏيئي "تنوين" تمڪن علامت اسميت جي حذف ڪبو تہ مَضرِبٌ
مان مَضَارِبُ نهي پوندو.

مُضَيْرِبٌ: مُضَيْرِبٌ ڪي مَضرِبٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين ڪي ضمّو ۽ ثاني ڪي فتح ڏيئي ٽيئن جاءِ تي "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان ڪي ڪسرو ڏبو تہ مَضرِبٌ مان مُضَيْرِبٌ نهي پوندو.



اسم آلہ صغريٰ جي بناء

مِضْرَبٌ: مِضْرَبٌ ڪي يَضْرِبُ مان ٺاهبو. "يا" حرف مضارعت جي ڪي حذف ڪري ان جاءِ تي "ميم مڪسور" علامت اسم آلہ صغريٰ جي آڻي "عين" ڪلمي ڪي فتح ڏيئي "تنوين" تمڪن علامت اسميت جي ڪي ان جي آخر ۾ آڻبو تہ يَضْرِبُ مان

مِضْرَبٌ نهي پوندو.

مِضْرَبَانِ: مِضْرَبَانِ کي مِضْرَبٌ مان ناهبو. ”الف“ علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ ”نون مڪسور“ عيوض ضمّي جي يا تنوين جي يا ٻنهي جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻبو تہ مِضْرَبٌ مان مِضْرَبَانِ نهي پوندو .

مَضَارِبُ: مَضَارِبُ کي مِضْرَبٌ مان ناهبو. حرف پهرين ۽ ثانيءَ کي فتح ڏيئي ٽئين جاءِ تي ”الف“ علامت جمع مڪسر جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏيئي ”تنوين“ تمڪن علامت اسميت جي حذف ڪبو تہ مِضْرَبٌ مان مَضَارِبُ نهي پوندو.

مُضَيْرِبٌ: مُضَيْرِبٌ کي مِضْرَبٌ مان ناهبو. حرف پهرين کي ضمّو ثاني کي فتح ڏيئي ٽئين جاءِ تي ”يا ساڪن“ علامت تصغير جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏبو تہ مِضْرَبٌ مان مُضَيْرِبٌ نهي پوندو.



اسم آلہ وسطيٰ جي بناء

مِضْرَبَةٌ: مِضْرَبَةٌ کي مِضْرَبٌ مان ٺاهيو. ”تا متحرڪ“ علامت اسم آلہ وسطيٰ جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻي اعراب کي ”تا“ تي جاري ڪيو ڇو ته آخري ڪلمو آهي ته مِضْرَبٌ مان مِضْرَبَةٌ ٺهي پوندو.

مِضْرَبَتَانِ: مِضْرَبَتَانِ کي مِضْرَبَةٌ مان ٺاهيو. ”الف“ علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ ”نون مڪسور“ عيوض ضمّي جي يا تنوين جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻيو ته مِضْرَبَةٌ مان مِضْرَبَتَانِ ٺهي پوندو.

مَضَارِبُ: مَضَارِبُ کي مِضْرَبَةٌ مان ٺاهيو. حرف پهرين ۽ ٻاني کي فتح ڏيئي ٽئين جاءِ تي ”الف“

علامت جمع مڪسر جي آڻي ان ڪانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏئي "تا" واحد جي ۽ تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪبو ضديت ۽ منع صرف جي ڪري تہ مِضْرَبَةٌ مان مَضَارِبُ ٺهي پوندو.

مُضَيْرِبَةٌ: مُضَيْرِبَةٌ کي مِضْرَبَةٌ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي ضمو ڏئي ثاني کي فتح ٽئين جاءِ تي "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻي، ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏبو تہ مِضْرَبَةٌ مان مُضَيْرِبَةٌ ٺهي پوندو.



اسم آلہ ڪبريٰ جي بناء

مِضْرَابٌ: مِضْرَابٌ کي مِضْرَبٌ مان ٺاهبو. "الف" علامت اسم آلہ ڪبريٰ جو چوٿين جاءِ تي آڻبو تہ مِضْرَبٌ مان مِضْرَابٌ ٺهي پوندو.

مِضْرَابَانِ: مِضْرَابَانِ کي مِضْرَابٌ مان ناهبو. ”الف“ علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ ”نون مڪسور“ عيوض ضمّي جي يا تنوين جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻبو تہ مِضْرَابٌ مان مِضْرَابَانِ ٺهي پوندو.

مَضَارِيْبُ: مَضَارِيْبُ کي مِضْرَابٌ مان ناهبو. حرف پهرين ۽ ثاني کي فتح ڏيئي، ٽئين جاءِ تي ”الف“ علامت جمع مڪسر جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏيئي ”الف“ کي ”يا“ سان مٽائي تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪبو منع صرف جي ڪري تہ مِضْرَابٌ مان مَضَارِيْبُ ٺهي پوندو.

مُضَيْرِيْبٌ: مُضَيْرِيْبٌ کي مِضْرَابٌ مان ناهبو. حرف پهرين کي ضمّو ۽ ثاني کي فتح ڏيئي ٽئين جاءِ تي ”يا ساڪن“ علامت تصغير جي آڻي ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏيئي ”الف“ کي ”يا“ سان مٽائبو تا تہ مِضْرَابٌ مان مُضَيْرِيْبٌ ٺهي پوندو.

اسم تفضيل مذكر جي بناء



اَضْرَبُ: اَضْرَبُ کي يَضْرِبُ مان ٺاهبو. ”يا“ حرف مضارعة جي کي حذف ڪري ان جاءِ تي همزو مفتوح علامت اسم تَفْضِيْلُ الْمُذَکَّر جو آڻي ”عين“ ڪلمي کي فتح ڏيئي. تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي ان جي آخر ۾ مقدر ڪبو واسطي ضديت منع صرف جي تہ يَضْرِبُ مان اَضْرَبُ نهي پوندو.

اَضْرَبَانِ: اَضْرَبَانِ کي اَضْرَبُ مان ٺاهبو. ”الف“ علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ ”نون مڪسور“ عيوض ضمّي جي يا تنوين مقدر جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻبو تہ اَضْرَبُ مان اَضْرَبَانِ نهي پوندو.

اَضَارِبُ: اَضَارِبُ كي اَضۡرَبُ مان ٺاهيو. حرف پهرين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ٻئي کي فتح ڏيئي ٽئين جاءِ تي "الف" علامت جمع مذڪر مڪسر جي آڻي ان ڪانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏبو تہ اَضۡرَبُ مان اَضَارِبٌ ٺهي پوندو.

اُضَيۡرِبٌ: اُضَيۡرِبٌ کي اَضۡرَبُ مان ٺاهيو. حرف پهرين کي ضمّو ٻئي کي فتح ڏيئي ٽئين جاءِ تي "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻي ان ڪانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏبو ۽ تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي "با" تي ظاهر ڪبو تہ اَضۡرَبُ مان اُضَيۡرِبٌ ٺهي پوندو.

اسم تفضيل مؤنث جي بناء



ضُرْبيٰ: ضُرْبيٰ کي اَضْرَبُ مان ٺاهبو. همزو مفتوح علامت اسم تَفْضِيْلُ الْمُذَكَّر جي کي حذف ڪري حرف پهرين کي ضمّو ڏيئي ”عينَ“ ڪلمي کي ساڪن ڪري ”الف“ مڪسور علامت اسم تَفْضِيْلُ الْمُؤَنَّث جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻبو تہ اَضْرَبُ مان ضُرْبيٰ ٺهي پوندو.

ضُرْبَيَانِ: ضُرْبَيَانِ کي ضُرْبيٰ مان ٺاهبو. حرف پهرين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ”يا“ کي ”الف مڪسوري“ سان مٽائي ”الف“ علامت تثنيہ جي فتح ماقبل سان ۽ ”نون مڪسور“ عيوض ضمّي جي يا تنوين مقدر جي جيڪو واحد ۾ هيو ان جي آخر ۾ آڻبو تہ ضُرْبيٰ مان ضُرْبَيَانِ ٺهي پوندو.

ضُرَيْبَاتٌ: ضُرَيْبَاتٌ کي ضُرْبیٰ مان ناهبو. ”يا“ کي ”الف مڪسوري“ سان مٽائي ”الف“ ۽ ”تا“ علامت جمع مؤنث سالم جي فتح ماقبل سان ان جي آخر ۾ آڻي اعراب کي ”تا“ تي جاري ڪبو ڇو ته آخري ڪلمو آهي ته ضُرْبیٰ مان ضُرَيْبَاتٌ ٺهي پوندو.

ضُرَبٌ: ضُرَبٌ کي ضُرْبیٰ مان ناهبو. حرف ٻهرين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ٽاني کي فتح ڏئي ”الف مڪسوري“ کي حذف ڪري اعراب کي ”با“ تي جاري ڪبو ڇو ته آخري ڪلمو آهي ته ضُرْبیٰ مان ضُرَبٌ ٺهي پوندو.

ضُرَيْبیٰ: ضُرَيْبیٰ کي ضُرْبیٰ مان ناهبو. حرف ٻهرين کي ضمو ڏئي ٽانيءَ کي فتح ڏئي ٽين جاءِ تي ”يا ساڪن“ علامت تصغير جي آڻبي ته ضُرْبیٰ مان ضُرَيْبیٰ ٺهي پوندو.

فعل تعجب جي بناء



اَضْرَبَ: اَضْرَبَ کي ضَرْبًا مان ناهبو. ”همزو مفتوح“ علامت فعل تعجب جي ”فا“ ڪلمي جي سڪون سان ان جي منڍ ۾ آڻي ۽ ”عين“ ڪلمي کي فتح ڏئي تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪري آخر کي مبني فتح تي ڪبو ته ضَرْبًا مان اَضْرَبَ ٺهي پوندو.

اَضُرِبٌ: اَضُرِبٌ کي ضَرَبًا مان ٺاهبو. "همزو مفتوح" علامت فعل تعجب جي "فا" ڪلمي جي سڪون سان ان جي منڍ ۾ آڻي "عين" ڪلمي کي ڪسرو ڏيئي ۽ تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪري آخر کي ساڪن ڪبو ته ضَرَبًا مان اَضُرِبٌ نهي پوندو.

ضَرُبَ: ضَرُبَ کي ضَرَبًا مان ٺاهبو. حرف پهرين کي پنهنجي حال تي ڇڏي "عين" ڪلمي کي ضمّو ڏيئي تنوين تمڪن علامت اسميت جي کي حذف ڪري آخر کي مبني فتح تي ڪبو ته ضَرَبًا مان ضَرُبَ نهي پوندو.

(**بنا پوري ٿي**)

قوانين

قانون جي تعريف: قانون سُرياني ٻوليءَ جو لفظ آهي. قانون جي معنىٰ آهي "مسطر ڪتاب" ڪتاب تي سٽن ڪڍڻ جو اوزار. اصطلاح ۾ ان کي چئبو آهي جيڪو گهڻن شيءِ تي سچو اچي.

"حڪم" کي "اثرمرتب" چئبو آهي (يعني شيءِ جي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ جيڪو اثر ان جي مٿان مرتب ٿي انکي حڪم چئبو آهي.

حڪم موقوف هوندو آهي ۽ شرط موقوف عليہ.

شرط ٻہ قسم آهي: **(1)** ڪامل **(2)** ناقص.

"**شرط ڪامل**": ان کي چئبو آهي جو هڪ ئي شرط لڀڻ سان قانون جو حڪم جاري ڪجي.

"**شرط ناقص**": ان کي چئبو آهي تہ جيستائين سڀ شرط نہ لڀن قانون جو حڪم جاري نہ ڪجي.

حڪم هڪ ٻہ هوندو ۽ گهڻا ٻہ هوندا آهن.

حڪم ٻہ قسم آهي.

(1) جوازي **(2)** وجوبي

(1) "**حڪم جوازي**": ان کي چئبو آهي جو شرط لڀڻ ڪانپوءِ اختيار آهي تہ قانون جو حڪم جاري ڪجي يا نہ ڪجي.

(2) "**حڪم وجوبي**": ان کي چئبو آهي جو شرط لڀڻ ڪانپوءِ قانون جو حڪم هر حالت ۾ جاري ڪبو.

فائده: علامتون تانيث جون 8 آهن.

1..... "تا" مقدره. جيئن اَرۡضٌ جو اصل ۾ اَرۡضَةٌ آهي، هن دليل سان تہ هن جي تصغير اُرَيۡضَةٌ ايندي، باقي اَرۡضٌ ۾ "تا" مقدره آهي.

2..... "تا" ظاهره. جيئن ضَارِبَةٌ.

3..... ”الف مقصوره“ تانيثي. جيئن حُبْلٰى.

4..... ”الف ممدوده“ تانيثي. جيئن حَمْرَآءُ.

5..... ”تا“ تانيث ساڪن. جيئن ضَرَبَتْ.

6..... ”تا“ تانيث متحرڪ مڪسور. جيئن ضَرَبْتِ.

7..... ”نون“ مفتوح. جيئن ضَرَبْنَ.

8..... ”يا“ ساڪن. جيئن تَضْرِبِيْنَ.

قانون ”ضَرَبْنَ“ جو پھريون:

هن جو حڪم آهي ته علامت مؤنث جي ڪي حذف ڪرڻ واجب. پوءِ ڏسبو ته علامت مؤنث جي ”فعل“ ۾ آهي يا ”اسم“ ۾ جيڪڏهن ”فعل“ ۾ آهي ته ان جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل، ٻه علامتون مؤنث جو گڏ ٿيڻ. جتي اهو شرط لڀندو اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو هر حالت ۾. هر حالت جو مطلب آهي ته هڪ جنس جون هجن يا مختلف جنس جون. هڪ جنس جو مثال اجان تائين فعل ۾ نه لڌو ويو آهي. مختلف جنس جو مثال جيئن ”ضَرَبْتُنَ“ ”تا“ کي حذف ڪري ضَرَبْنَ ڪري پڙهبو.

جيڪڏهن اسم ۾ آهي ته ان جي لاءِ ٻه شرط آهن ناقص.

(1) ٻه علامتون مؤنث جو هجن. جيڪڏهن نه هونديون ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو، جيئن: ضَارِبَةٌ.

(2) ٻه علامتون مؤنث جون هڪ جنس جون هجن. جيڪڏهن نه هونديون ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو، جيئن: ضُرَيْبَاتٌ.

جتي ٻئي شرط لڀندا اُتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن ضَارِبَتَاتٌ ۽ مَضْرُوْبَتَاتٌ ”تا“ کي حذف ڪري ضَارِبَاتٌ ۽ مَضْرُوْبَاتٌ ڪري پڙهبو.

قانون "ضَرَبْنَ" جو ٻيو:

هن جو حڪم آهي تہ حرڪت کي ڪيرڻ واجب آهي.
هن جي لاءِ 3 شرط آهن ناقص.
1..... چار حرڪتون هجن، جيڪڏهن نہ هونديون تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو، جيئن: ضَرَبَ.
2..... لڳو لڳ هجن، نہ هونديون تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو، جيئن: ضَرَبَتَا.
3..... حقيقي يا حڪمي ڪلمي ۾ هجن، نہ هونديون تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو، جيئن: ضَرَبَكَ.

حقيقي هڪ ڪلمو: ان کي چئبو آهي، جيڪو حقيقت ۾ هڪ ڪلمو هجي. جيئن دَحْرَجَ. "حا" کي ساڪن ڪري دَحْرَجَ ڪري پڙهبو.

حڪمي هڪ ڪلمو: ان کي چئبو آهي جو حقيقت ۾ ٻہ ڪلما هجن پر ان کي ملائي ڪري هڪ ڪلمي جو حڪم ڏنو وڃي. جيئن ضَرَبَنَ. "با" کي ساڪن ڪري ضَرَبْنَ ڪري پڙهبو.

جيڪڏهن فعل جي آخر ۾ ضمير فاعل جو هوندو تہ فعل جي آخر کي ساڪن ڪري پڙهبو، جيئن: ضَرَبْنَا.

جيڪڏهن ضمير فاعل جو منڍ ۾ هوندو ۽ فعل آخر ۾ تہ "فا" ڪلمي کي ساڪن ڪري پڙهبو، جيئن: يَضْرِبُ:

قانون: "ضَرَبْتُمْ" جو:

هن جا ٻہ حڪم آهن:

(1) "واو" کي حذف ڪرڻ واجب. (2) ڪريل "واو" کي موٽائي آڻڻ واجب.
پهرين حڪم لاءِ چار شرط آهن ناقص.
1..... "واو" آخر ۾ هجي. جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ

ڪبو، جيئن: مَقُوْلٌ - وَعَدَ.

2..... اسم جي آخر ۾ هجي. جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو، جيئن: دَعَوَ.

3..... اسم غير متمڪن جي آخر ۾ هجي. جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن مَدْعُوْوٌ.

4..... ماقبل انهيءَ جو مضموم هجي. جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو، جيئن: ضَرَبْتَوْ.

جتي اهي سڀ شرط لڀندا، اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو.

اتفاقي مثال، جيئن: ضَرَبْتُمُوْ، هُمُوْ، كُمُوْ، اَنْتُمُوْ. "واو" کي حذف ڪري ضَرَبْتُمْ، هُمْ، كُمْ، اَنْتُمْ ڪري پڙهبو.

سوال: "هُوْ" ۽ "ذُوْ" جي "واو" کي ڇو نہ ٿا حذف ڪن. حالانڪہ ان ۾ سڀ شرط لڀن ٿا ؟

جواب: جيڪڏهن انجي "واو" کي حذف ڪبو تہ خبر نہ پوندي تہ آيا ضمير فاعل جو آهي يا حروف هِجا جو، جيئن بَا، تَا، ثَا وغيره. "هُوْ" ۽ "ذُوْ" شاذ آهن يعني قانون جي خلاف آهن.

ٻئي حڪم لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل.

1.....جڏهن ڪريل "واو" واري صيغي جي آخر ۾ "ہ" ضمير منصوب متّصل آڻبي تہ ڪريل "واو" موٽي ايندو، جيئن: ضَرَبْتُمُوْهُ، يا اَنْزَلْتُمُوْهُ (سورة واقعة)

فائدو: صحيح جا ڪل 22 باب آهن.

6 ثلاثي مجرد. 12 ثلاثي مزيد. 3 رباعي مجرد. 1 رباعي مزيد جو.

انهن 22 بابن جي ماضي مجهول جي لاءِ ارشاد الصّرف واري ٽي قانون لکيا آهن.

قانون "ماضي مجهول" جو پهريون

هن جو حڪم آهي تہ حرف پهرين کي ضمّو ۽ ماقبل آخر کي ڪسرو ڏيڻ واجب.

هن جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل. جڏهن ماضي مجهول کي ماضي معلوم مان ٺاهبو تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: ضَرَبَ مان ضُرِبَ ۽ اَڪْرَمَ مان اُڪْرِمَ.

جيڪڏهن ماقبل کي اڳيئي ڪسرو هجي تہ حرف پهرين کي ضمّو ڏبو. جيئن: عَلِمَ مان عُلِمَ وغيره.

قانون "ماضي مجهول" جو ٻيون

هن جو حڪم آهي تہ حرف پهرين ۽ ثاني کي ضمّو، ماقبل آخر کي ڪسرو ڏيڻ واجب.

هن جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل. جنهن باب جي ماضي جي منڍ ۾ "تا زائده قياسہ" هوندي تہ اُتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: تَدَحْرَجَ مان تُدُحْرِجَ ۽ تَصَرَّفَ مان تُصُرِّفَ.

قانون "ماضي مجهول" جو ٽيون

هن جو حڪم آهي تہ حرف پهرين ۽ ٽئين کي ضمّو ماقبل آخر کي ڪسرو ڏيڻ واجب.

هن جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل. جنهن باب جي ماضي جي منڍ ۾ همزو وصلي مڪسور هوندو تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: اِڪْتَسَبَ مان اُڪْتُسِبَ ۽ اِنْصَرَفَ مان اُنْصُرِفَ.

قانون "فعل مضارع معلوم" جو

هن جو حڪم آهي تہ فعل مضارع معلوم ۾ "حروف اتين" کي حرڪت ضمّي جي ڏيڻ واجب.

هن جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل. جنهن باب جو ماضي چار حرفي هوندو، اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: اَڪْرَمَ مان يُڪْرِمُ ۽ دَحْرَجَ مان يُدَحْرِجُ.

قانون "مضارع مجهول" جو

هن جو حڪم آهي تہ حرف پهرين کي ضمّو ۽ ماقبل آخر کي فتح ڏيڻ واجب.

هن جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل. جڏهن مضارع معلوم مان مضارع مجهول ناهبو تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو، جيئن: يَضْرِبُ مان يُضْرَبُ.

جيڪڏهن حرف پهرين کي اڳيئي ضمّو هوندو تہ ماقبل آخر کي فتح ڏبي، جيئن: يُكْرِمُ مان يُكْرَمُ. جيڪڏهن ماقبل آخر کي اڳيئي فتح آهي تہ حرف پهرين کي ضمّو ڏبو، جيئن: يَفْتَحُ مان يُفْتَحُ.

فائدو: حرف علت 3 آهن: "واو"، "الف" ۽ "يا". مجموعو انهن جو " وايَ " آهي. "واو" بن پيشن (ُ ُ) مان، "الف" بن زبرن (ً) مان ۽ "يا" بن زيرن (ٍ) مان نهي آهي. جيڪڏهن هنن جي ماقبل واري اهائي حرڪت آهي جنهن مان اهي نهيا آهن تہ پوءِ چئبو تہ ماقبل واري حرڪت انهن جي مواقف آهي. جيڪڏهن اهائي حرڪت نہ هوندي تہ چئبو تہ ماقبل واري حرڪت انهن جي مخالف آهي.

حروف علت 2 قسم آهن: **1.**مَدَّه **2.** لِيْن.

مَدَّه: ان کي چئبو آهي جو حروف علت ساڪن هجن ۽ ماقبل واري حرڪت انهن جي موافق هجي، جيئن: أُوْتِيْنَا.

لِيـن: ان کي چئبو آهي جو حروف علت ساڪن هجن ۽ ماقبل واري حرڪت انهن جي مخالف هجي، جيئن: اَوَيْنَ.

فائدو: اسم 2 قسم آهي: 1. مُصَغَّر 2. مُكَبَّر.

مُصَغَّر: ان کي چئبو آهي جو حرف اول کي ضمّو ۽ ثاني کي فتح ۽ ٽئين جاءِ تي "يا" ساڪن علامت تصغير جي هجي، جيئن: ضَارِبٌ مان ضُوَيْرِبٌ.

مُكَبَّر: ان کي چئبو آهي تہ حرف اول کي ضمّو ٻئي کي فتح ٽئين جاءِ تي "يا" ساڪن علامت تصغير جي نہ هجي، يعني اسم مُصَغَّر وارين حرڪتن جي مخالف

هجي، جيئن: ضَارِبٌ.

جڏهن مُصَغَّر کي مُکَبَّر مان ٺاهبو ته ڏسبو ته مُکَبَّر ثلاثي آهي يا رباعي يا خماسي. اگر ثلاثي آهي ته حرف پهرين کي ضمّو ڏبو ٻئي کي فتح، ٽئين جاءِ تي "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻبي، جيئن: ضَارِبٌ مان ضُوَيْرِبٌ.

جيڪڏهن رباعي آهي ته حرف پهرين کي ضمّو ثاني کي فتح ٽئين جاءِ تي "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻبي. ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏبو، جيئن: جَعْفَرٌ مان جُعَيْفِرٌ.

جيڪڏهن خماسي آهي ته حرف پهرين کي ضمّو، ثاني کي فتح ٽئين جاءِ تي، "يا ساڪن" علامت تصغير جي آڻبي، ۽ ان کانپوءِ جيڪو حرف ايندو ان کي ڪسرو ڏبو، ۽ پنجي حرف کي حذف ڪبو، جيئن: جَحْمَرِشٌ مان جُحَيْمِرٌ.

فائدو: اسم 2 قسم آهي 1. اَقْصٰى (مُنْتَهَا الْجُمُوْع) 2. غَيْر اَقْصٰى (غَيْر مُنْتَهَا الْجُمُوْع).

اَقْصٰى (مُنْتَهَا الْجُمُوْع) ان کي چئبو آهي، جنهن جي مثال ٻيو جمع نه ٿي سگهي، جيئن: اَڪَالِبٌ.

جَمْعُ اَقْصٰى جا "وزن" اٺ آهن.

فَوَعِلُ، فَوَاعِيْلُ، مَفَاعِلُ، مَفَاعِيْلُ، اَفَاعِلُ، اَفَاعِيْلُ، فَعَائِلُ، فَوَالُّ.

غَيْر اَقْصٰى (غَيْر مُنْتَهَا الْجُمُوْع) ان کي چئبو آهي ته جنهن جي مثال ٻيو جمع ٿي سگهي، جيئن: اَڪْلُبٌ.

قانون "مَدَّه زائده" جو

هن جو حڪم آهي ته مَدَّه زائده کي "واو" مفتوح سان مٽائڻ واجب.

هن جي لاءِ 5 شرط آهن ناقص ۽ ڇهون آهي وقت.

1.....مَدَّه هجي، جيڪڏهن نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو، جيئن: اَوَيْبِيْنَ.

2.....مَدَّه زائده هجي، جيڪڏهن نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو، جيئن: قَالَةٌ.

3..... مُفْرَدْ هجي، جيڪڏهن نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو، جيئن: ضَارِبَانِ.

4.....مُڪَبَّرَ هجي، جيڪڏهن نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو، جيئن: مُضَيْرِيْبٌ.

5.....ٻئي جاءِ تي هجي، نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو، جيئن: مِضْرَابٌ.

وقت: جَمْعُ اَقْصَىٰ ۽ تَصْغِيْر ٺاهڻ وقت قانون جو حڪم جاري ڪبو، جيئن: ضَارِبٌ مان ضُوَيْرِبٌ، ضَارِبَةٌ مان ضَوَارِبُ، ضُوَيْرِبَةٌ.

قانون "نون تنوين"، "نون تثنيه" ۽ "نون جمع" جو

هن جو حڪم آهي ته "نون تنوين"، "نون تثنيه" ۽ "نون جمع"جي ڪي حذف ڪرڻ واجب.

نون تنوين لاءِ ٻه شرط آهن ڪامل.

1..... "الف لام" ان جي منڍ ۾ ايندو ته نون تنوين جو ڪري پوندو، جيئن: اَلضَّارِبُ.

2.....نون تنوين واري لفظ کي جڏهن ٻئي لفظ ڏي اضافت ڪرائبي ته اتي نون تنوين جو ڪري پوندو، جيئن: ضَارِبٌ زَيْدٌ مان ضَارِبُ زَيْدٍ.

"نون تثنيه" ۽ "نون جمع" لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل.

"نون تثنيه" ۽ "نون جمع" واري لفظ کي جڏهن ٻئي لفظ ڏي اضافت ڪرائبي ته اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو، جيئن: ضَارِبَانِ زَيْدٌ مان ضَارِبَا زَيْدٍ، ۽ ضَارِبُوْنَ زَيْدٌ مان ضَارِبُوْ زَيْدٍ.

قانون ”نون تنوين“ ۽ ”نون خفيفه“ جو

هن جو حڪم آهي ته ”نون تنوين“ ۽ ”نون خفيفه“ کي موافق حرڪت ماقبل جي حرف علت سان مٽائڻ جائز.

هن جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل. جڏهن ”نون تنوين“ ۽ ”نون خفيفه“ واري لفظ جي مٿان وقف ڪبو ته اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو.

”نون تنوين“ جو مثال، جيئن: ضَارِبٌ مان ضَارِبُوْ.

”نون خفيفه“ جو مثال، جيئن: اِضْرِبَنْ مان اِضْرِبَا ، اِضْرِبُنْ مان اِضْرِبُوْا ، اِضْرِبِنْ مان اِضْرِبِيْ.

”نون“ به قسم آهي: 1. اصلي 2. غير اصلي

نون اصلي: ان کي چئبو آهي جيڪو ”فا“ ، ”عين“ يا ”لام“ ڪلمي جي مقابلي ۾ هجي، جيئن: نَصَرَ، مَنَعَ ۽ اَمِنَ.

غير اصلي به قسم آهي: 1. اِسمي 2. حَرفي.

نون اِسمي: ان کي چئبو آهي جيڪو فعل جي آخر ۾ هجي (ضمّير فاعل جو)، جيئن: ضَرَبْنَ، ضَرَبْتُنَّ.

نون حرفي: ان کي چئبو آهي جيڪو ”منڍ“ ۾ يا ”وچ“ ۾ يا ”پڇاڙي“ ۾ هجي.

..... ”منڍ“ ۾ هوندو ته هڪ حرف ”حروف اتين“ مان هوندو، جيئن: نَضْرِبُ.

..... ”وچ“ ۾ هوندو ته بابن جي نشاني مان هوندو، جيئن: اِنْصَرَفَ.

..... ”پڇاڙي“ ۾ هوندو ته يا ساڪن هوندو يا متحرڪ هوندو. جيڪڏهن ساڪن هوندو ته ڏسبو تاڪيد جو فائدو ڏي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن تاڪيد جو فائدو ڏي ٿو ته ان کي ”نون خفيفه“ چئبو، جيئن: اِضْرِبَنْ. جيڪڏهن تاڪيد جو فائدو نه ٿو ڏي ته ان کي ”نون تنوين“ جو چئبو.

فائدو: تنوين ڪلمي جي پڇاڙي واري حرف جي حرڪت سان گڏ پڙهبي آهي . جيئن ضَارِبٌ.

ڪڏهن لکڻ ۾ ايندو آهي، ڪڏهن نه. لکڻ ۾ ايندو آهي ان جو مثال، جيئن: "شِيْبَانِ السَّمَآءُ". لکڻ ۾ نه ايندو آهي ان جو مثال جيئن: ضَارِبٌ.

پوءِ ڏسبو ته تاڪيد جو فائدو ڏئي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن ڏئي ٿو ته ان کي "نون تاڪيد ثقيله" چئبو آهي، جيئن: اِضْرِبَنَّ ۽ جيڪڏهن نه ٿو ڏئي ته پوءِ ڏسبو ته ضمّي جي عيوض ۾ آهي يا ضمّي ۽ تنوين ٻنهي جي عيوض ۾ آهي. جيڪڏهن ضمّي جي عيوض ۾ آهي ته ان کي "نون اعرابي" چئبو آهي، جيئن: يَضْرِبَانِ ۽ جيڪڏهن ٻنهي جي عيوض ۾ آهي ته ان کي نون تثنيه ۽ جمع جو چئبو آهي، جيئن: ضَارِبَانِ، ضَارِبُوْنَ.


نُوْن
اصلي
نَصَرَ، مَنَعَ، آمِنَ
غیر اصلي
اسمي
ضَرَبْنَ، ضَرَبْتُنَّ
حرفی
شروع
نَضْرِبُ
وسط
اِنْصَرَفَ
آخر
ساکن
متحرك
نون تاکید خفیفه
اِضْرِبَنْ
نون تنوین
ضَارِبٌ
شِيْبَانٍ
السَّمَآءُ
نون تاکید ثقیله
اِضْرِبَنَّ
نون اعرابي
يَضْرِبَا
نون تثنیه و جمع
ضَارِبَانِ ضَارِبُوْنَ

قانون "نون اعرابي" جو

هن جو حڪم "نون اعرابي" کي حذف ڪرڻ واجب آهي.

هن جي لاءِ 5 شرط آهن ڪامل.

1..... "نون اعرابي" واري لفظ جي منڍ ۾ ڪو جَازِماً عَامِلًا مان جازم عامل ايندو ته "نون اعرابي" ڪري پوندو. جيئن لَمْ يَضْرِبَا.

2..... "نون اعرابي" جي منڍ ۾ نَاصِبًا عَامِلًا مان ڪو نَاصِب عَامِل ايندو ته "نون اعرابي" ڪري پوندو. جيئن لَنْ يَّضْرِبَا.

3....."نون اعرابي" واري لفظ جي آخر ۾ جڏهن نون تاڪيد ثقيله ايندو ته "نون اعرابي" ڪري پوندو. جيئن لَيَضْرِبَانِّ.

4..... "نون اعرابي" واري لفظ جي آخر ۾ جڏهن نون تاڪيد خفيفه ايندو ته "نون اعرابي" ڪري پوندو. جيئن: لَيَضْرِبُنْ.

5..... "نون اعرابي" واري لفظ مان جڏهن امر حاضر معلوم ٺاهبو ته "نون اعرابي" ڪري پوندو. جيئن: اِضْرِبَا.

فائدو (1): "اِنْ، لَمْ، لَمَّا، لَامِ اَمر ۽ لَائي نَهِي" اهي پنج حروف فعل ۾ جزم ڏيندا آهن ۽ "اَنْ، لَنْ، کَیْ ۽ اِذَنْ" اهي چار حروف نصب ڏيندا آهن.

حروفِ هجّا جا ٽولا

فائدو (2):حروف هجّا جا ڪل 5 ٽولا آهن ۽ اهي ڪل 29 حروف آهن.

ٽولو پهريون: "الف".

ٽولو ٻيون: "با".

ٽولو ٽيون: (i) لام، را (ii) يا، ميم، واو، نون "يرملون".

ٽولو چوٿون: همزه، ها، حا، خا، عين، غين (حروفِ حلقي).

ٽولو پنجون: تا، ثا، جيم، دال، ذال، زا، سين، شين، صاد، ضاد، طا، ظا، فا، ڪاف، قاف (حروفِ اخفآء).

قانون”يرملون“جو

هن جي لاءِ ٻہ حڪم آهن.

پهريون حڪم: نون ساڪن ۽ نون تنوين کي ”حروف يرملون“ ۾ ادغام ڪرڻ واجب.

ٻيو حڪم: تہ نون متحرڪ کي ”حروف يرملون“ ۾ ادغام ڪرڻ جائز.

پهرين حڪم لاءِ 2 شرط آهن ناقص.

1..... نون ساڪن ۽ نون تنوين ”حروف يرملون“ کان اڳ ۾ هجن. نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: يَنْصُرُ.

2..... نون ساڪن ۽ نون تنوين جدا جدا ڪلمن ۾ هجن. نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: دُنْيَا.

جتي اهي ٻئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: لَنْ يَّضْرِبَ. دَافِقٍ يَّخْرُجُ.

فائدو: جيڪڏهن ”يمون“ ۾ ادغام ڪبو تہ غنو ڪبو ۽ جيڪڏهن ”لر“ ۾ ادغام ڪبو تہ غنو نہ ڪبو. جيئن: مِنْ لَّدُنْكَ ۽ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ.

ٻي حڪم لاءِ 2 شرط آهن ناقص.

1..... نون متحرڪ ”حروف يرملون“ کان اڳ ۾ هجي. نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: يَنَالُ.

2..... نون متحرڪ جدا جدا ڪلمن ۾ هجي. نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: صَنَمٌ.

جڏهن ”حروف يمون“ ۾ ادغام ڪبو تہ غنو ڪبو ۽ جيڪڏهن ”لر“ ۾ ادغام ڪبو تہ ”غنو“ نہ ڪبو. جيئن: اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ کي اِنَّ الَّذِيْنَ لَّا يَرْجُوْنَ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

قانون "فعل امر حاضر معلوم" جو

هن جو حڪم آهي ته "فعل امر حاضر معلوم" کي ٺاهڻ واجب.

هن جي لاءِ چار شرط آهن ناقص ۽ پنجون آهي طريقو.

1..... "امر حاضر معلوم" فعل مان ٺاهبو، اسم مان نه.

2..... "امر حاضر معلوم" مضارع مان ٺاهبو، ماضي مان نه.

3..... "امر حاضر معلوم" مخاطب جي صيغن مان ٺاهبو، غائب ۽ متڪلم جي صيغن مان نه.

4..... "امر حاضر معلوم" معلوم جي صيغن مان ٺاهبو مجهول مان نه.

5..... طريقو: "تا" حرف مُضَارِعَة جي کي حذف ڪري پوءِ ڏسبو ته مابعد ان جو ساڪن آهي يا متحرڪ جيڪڏهن متحرڪ آهي ته آخر کي وقف ڪبو، جيئن: تَعِدُ مان عِدْ.

جيڪڏهن ساڪن آهي ته پوءِ ڏسو ته "عين" ڪلمو مضموم آهي يا غير مضموم. جيڪڏهن مضموم آهي ته همزو وصلي مضموم ان جي منڍ ۾ آڻي آخر کي وقف ڪبو ۽ جيڪڏهن غير مضموم آهي ته همزو وصلي مڪسور ان جي منڍ ۾ آڻي آخر کي وقف ڪبو، جيئن: تَضْرِبُ مان اِضْرِبْ ۽ تَنْصُرُ مان اُنْصُرْ.

قانون "الف فاصله" جو

هن جو حڪم آهي ته "الف فاصله" جو آڻڻ واجب.

هن جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل.

1..... جڏهن نون تاڪيد ثقيله نون ضميري سان گڏ ايندو ته اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو، جيئن: اِضْرِبْنَانِّ. انڪانپوءِ نون جي فتح کي ڪسري سان بدلائبو، تثنيه جي نون سان مشابهت جي ڪري ته اِضْرِبْنَانَّ مان اِضْرِبْنَانِّ ٿي پوندو.

قانون"ظرف"جو

هن جي لاءِ ٽي حڪم آهن:

..... "ظرف" جو مَفْعِلٌ جي وزن تي اچڻ واجب.

..... "ظرف" جو مَفْعَلٌ جي وزن تي اچڻ واجب.

..... "ظرف" جو اسم مفعول جي وزن اتي اچڻ واجب.

پهرين حڪم لاءِ ٻه شرط آهن ڪامل.

❶..... صحيح، مهموز، اجوف جو مضارع يَفْعِلُ جي وزن تي ايندو ته ظرف مَفْعِلٌ جي وزن تي ايندو، جيئن: يَضْرِبُ مان مَضْرِبٌ.

❷..... مثال مطلق هجي ان جو ظرف به مَفْعِلٌ جي وزن تي ايندو، جيئن: يَوْعِدُ مان مَوْعِدٌ.

ٻي حڪم لاءِ چار شرط آهن ڪامل.

❶..... صحيح، مهموز، اجوف جو مضارع غَيْر يَفْعِلُ جي وزن تي ايندو ته ظرف مَفْعَلٌ جي وزن تي ايندو، جيئن: يَنْصُرُ مان مَنْصَرٌ.

❷..... ناقص هجي ان جو ظرف به مَفْعَلٌ جي وزن تي ايندو، جيئن: يَدْعُوْ مان مَدْعَوٌ.

❸..... لفيف هجي ان جو ظرف به مَفْعَلٌ جي وزن تي ايندو، جيئن: يَقْوَيُ مان مَقْوَيٌ.

❹..... مضاعف هجي ان جو ظرف به مَفْعَلٌ جي وزن تي ايندو، جيئن: يَمْدُدُ مان مَمْدَدٌ.

باقي جيڪو ظرف ان مطابق نه ايندو ته اهو "شاذ" يعني خلافِ قانون آهي، جيئن: يَسْجُدُ مان مَسْجِدٌ.

ٽين حڪم لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل.

ثُلَاثِي مُجَرَّد کانسواءِ ثُلَاثِي مَزِيْد، رُبَاعِي مُجَرَّد ۽ رُبَاعِي مَزِيْد جو ظرف اسم مفعول جي وزن تي ايندو، جيئن: يُكْرِمُ مان مُكْرَمٌ.

قانون "مَضَارِيْبُ" جو

هن جو حڪم آهي تہ "الف" کي مواقف حرڪت ماقبل جي حرف علت سان مٽائڻ واجب.

هن جي لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل.

جڏهن "الف" جي ماقبل واري حرڪت "الف" جي مخالف ٿيندي تہ اتي قانون جي حڪم جاري ڪبو، جيئن: مِضْرَابٌ مان مَضَارِيْبُ ۽ ضَارَبَ مان ضُوْرِبَ.

الف مقصوره ۽ الف ممدوده

فائدو: "الف" جيڪو اسم جي آخر ۾ ايندو، اهو بہ قسم آهي.

(1) اَلِف مَقْصُوْرَه، (2) اَلِف مَمْدُوْدَه.

(1) مَقْصُوْرَه جي لغوي معنىٰ آهي "ننڍو".

اصطلاح ۾ ان کي چئبو آهي جو "الف" کانپوءِ همزو نہ هجي، جيئن: ضُرْبٰى.

الف مقصوره بہ قسم آهي: (1) اصلي (2) غير اصلي.

(1)"**اصلي**": ان کي چئبو آهي جو "واو" ۽ "يا" کان بدليل نہ هجي، جيئن: ضُرْبٰى.

(2) "**غير اصلي**": ان کي چئبو آهي جو "واو" ۽ "يا" کان بدليل هجي، جيئن: عَصَا ۽ رَحٰى جو اصل ۾ عَصَوٌ ۽ رَحَيٌ هيا.

(2) "مَمْدُوْدَه" جي لغوي معنيٰ آهي "ڊگهو".

اصطلاح ۾ ان کي چئبو آهي جو "الف" کانپوءِ همزو هجي، جيئن: حَمْرَآءُ ۽ ضُرَبَآءُ.

"الف ممدوده" چار قسم آهي: 1. اصلي 2. غير اصلي 3. تانيثي 4. غيرتانيثي.

1. "**اصلي**": ان کي چئبو آهي تہ "الف ممدوده" وارو همزو "لام" ڪلمي جي مقابلي ۾ هجي ۽ ڪنهن کان بدليل نہ هجي، جيئن: قُرَّآءُ.

2. "**غير اصلي**": ان کي چئبو آهي تہ "الف ممدوده" وارو همزو "لام" ڪلمي جي مقابلي ۾ هجي ۽ ڪنهن کان بدليل هجي، جيئن: كِسَآءُ ۽ رِدَآءُ جو اصل ۾

ڪِسَاوٌ ۽ رِدَايٌ هيا.

3. "**تانيثي**": ان کي چئبو آهي جو ان جي آخر ۾ همزو زائده هجي ۽ "اِلْحَاق" لاءِ وڌايل نہ هجي، جيئن: حَمْرَآءُ.

4. "**غيرتانيثي**": ان کي چئبو آهي جو ان جي آخر ۾ همزو زائده هجي ۽ "اِلْحَاق" لاءِ وڌايل هجي، جيئن: عِلْبَآءٌ جو اصل ۾ عِلْبٌ هيو. قِرْطَاسٌ جي وزن تي آڻڻ لاءِ ان جي پڇاڙيءَ ۾ "الف ممدوده" وڌايو ويو آهي.

فائدو: "اِمْلہ" جي لغوي معنىٰ آهي "لاڙو ڏيڻ".

اصطلاح ۾ ان کي چئبو آهي تہ "الف" کي "يا" ڏي ۽ ماقبل واري فتح کي ڪسره ڏي لاڙو ڏجي، جيئن: بَلَا مان بَلِي.

فائدو: "اِلْحَاق" جي لغوي معنىٰ آهي "پڇاڙي وڌائڻ".

اصطلاح ۾ ان کي چئبو آهي تہ ٿورن اکرن واري لفظ کي گهڻن اکرن واري لفظ جي وزن تي آڻڻ لاءِ ڪجھ اکر ان جي پڇاڙيءَ ۾ وڌايا وڃن، جيئن عِلْبَآءُ جو اصل ۾ عِلْبٌ هيو. قِرْطَاسٌ جي وزن تي آڻڻ لاءِ ان جي پڇاڙيءَ ۾ "الف ممدوده" وڌايو ويو آهي.

قانون "اَلِف مَقْصُوْرَہ" ۽ "اَلِف ممدودَہ" جو

هن جي لاءِ پنج حڪم آهن:

1. اَلِف مَقْصُوْرَہ کي "واو مفتوح" سان مٽائڻ واجب.
2. اَلِف مَقْصُوْرَہ کي "يا مفتوح" سان مٽائڻ واجب.
3. اَلِف ممدودَہ واري همزه کي ثابت رکڻ واجب.
4. اَلِف ممدودَہ واري همزه کي "واو مفتوح" سان مٽائڻ واجب.
5. اَلِف ممدودَہ واري همزه کي ٻہ وجھ پڙهڻ جائز.

(ٻہ وجھ يعني ثابت رکڻ ۽ "واو مفتوح" سان مٽائڻ جائز)

پهرين حڪم ۾ اَلِف مَقْصُوْرَہ (غير اصلي) کي "واو مفتوح" سان مٽائڻ لاءِ ٻہ

شرط آهن ناقص:

❶..... ٽئين جاءِ تي هجي. نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: مُصْطَفىٰ.

❷..... "واو" کان بدليل هجي. نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: رَحَى.

جتي اهي ٻئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: عَصَا، تثنيہ ۽ جمع مؤنث سالم ٿاهڻ وقت عَصَوَانِ ۽ عَصَوَاتٌ ڪري پڙهبو.

ٻئي حڪم ۾ اَلِف مَقْصُوْرَه (غير اصلي) کي "يامفتوح"سان مٽائڻ لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل:

تہ ان ۾ "واو مفتوح" سان مٽائڻ وارا ٻئي شرط نہ لڀن يا هڪ شرط نہ لڀي. ٻئي شرط نہ لڀن ان جو مثال جيئن مُصْطَفىٰ جو تثنيہ جمع مؤنث سالم ٿاهڻ وقت مُصْطَفَيَانِ ۽ مُصْطَفَيَاتٌ ڪري پڙهبو.

پهرين حڪم ۾ اَلِف مَقْصُوْرَه (اصلي) کي "واو مفتوح" سان مٽائڻ لاءِ ٻہ شرط آهن ناقص:

❶..... ٽئين جاءِ تي هجي نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: ضُرُبىٰ.

❷..... الف مقصوره اصلي ۾ اِمٰله ڪري نہ پڙهجي. جيڪڏهن پڙهبو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: بَلىٰ.

جتي اهي ٻئي شرط لڀندا اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن "اِلَا" تثنيہ ۽ جمع مؤنث سالم ٿاهڻ وقت اِلَوَانِ ۽ اِلَوَاتٌ ڪري پڙهبو.

ٻئي حڪم ۾ اَلِف مَقْصُوْرَه (اصلي) کي "يا مفتوح" سان مٽائڻ لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل:

تہ "واو" مفتوح سان مٽائڻ وارا ٻئي شرط نہ لڀن يا هڪ شرط نہ لڀي.

ٻئي شرط نہ لين ان جو مثال جيئن ضُرۡبٰی، ۽ جمع مؤنث سالم ناهڻ وقت ضُرۡبَيَانِ ۽ ضُرۡبَيَاتٌ ڪري پڙهبو.

هڪ شرط نہ لڀي ان جو مثال جيئن بَلٰی، تثنيہ ۽ جمع مؤنث سالم ناهڻ وقت بَلَيَانِ ۽ بَلَيَاتٌ ڪري پڙهبو.

ٽين حڪم لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل:

اَلِف ممدودَه وارو همزو اصلي هجي. جيئن قُرَّآءٌ، تثنيہ ۽ جمع مؤنث سالم ناهڻ وقت قُرَّآانِ، قُرَّآاتٌ ڪري پڙهبو.

چوٿين حڪم لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل:

اَلِف ممدودَه وارو همزو تانيثي هجي. جيئن حَمَرَآءُ، تثنيہ ۽ جمع مؤنث سالم ناهڻ وقت حَمَرَوَانِ ۽ حَمَرَوَاتٌ ڪري پڙهبو.

پنجين حڪم لاءِ هڪ شرط آهي ڪامل:

اَلِف ممدودَه وارو همزو اِلحَاق لاءِ وڌايل هجي. جيئن عِلۡبَآءٌ، تثنيہ ۽ جمع مؤنث سالم ناهڻ وقت عِلۡبَآئَانِ ۽ عِلۡبَآئَاتٌ ڪري پڙهڻ ۽ عِلۡبَاوَانِ ۽ عِلۡبَاوَاتٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

فائدو پهريون: حروف حلقي ڇهہ آهن: ء، ه، ح، خ، ع، غ.

فعل حقيقي ۽ فعل حڪمي

فائدو ٻيون: فَعِلَ ٻہ قسم آهي. 1. حقيقي 2. حڪمي.

"**حقيقي**": انکي چئبو آهي جو حقيقت ۾ "فَعِلَ" جي وزن تي هجي، جيئن: عَلِمَ.

"**حڪمي**": انکي چئبو آهي جو حقيقت ۾ "فَعِلَ" جي وزن تي نہ هجي بلڪہ ان کي "فَعِلَ" جي وزن تي بڻايو ويو هجي، جيئن: يَوۡعِدُ مان يَعِدُ.

فائدو ٽيون: "فَعِلَ" ڇا کي چئبو آهي.

"فا" ڪلمہ ۾ فتح، "عين" ڪلمہ ۾ ڪسرہ ۽ "لام" ڪلمہ کي جو ڪجھ هجي.

قانون "عَلِمَ، شَهِدَ" جو

هن جي لاءِ ٽي حڪم آهن:

1. "پهريون حڪم" ڪلمہ کي سواءِ اصل جي ٽي وجھ پڙهڻ جائز.

2. "ٻيون حڪم" ڪلمہ کي سواءِ اصل جي ٻہ وجھ پڙهڻ جائز.

3. "ٽيون حڪم" ڪلمہ کي سواءِ اصل جي هڪ وجھ پڙهڻ جائز.

پهرين حڪم جي لاءِ ٻہ شرط آهن ناقص:

❶..... ڪلمو "فَعِلَ" جي وزن تي هجي، نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: نَصَرَ.

❶..... ڪلمو "حَلْقِيُ الْعَيْنِ" هجي، نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: عَلِمَ.

جتي اهي ٻئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو هرحال ۾، هرحال جو مطلب آهي تہ اِسم ۾ هجي يا فِعل ۾.

فِعل ۾ هجي جيئن شَهِدَ. انکي شَهْدَ، شِهْدَ ۽ شِهِدَ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

اِسم ۾ هجي جيئن فَخِذٌ. انکي فَخْذٌ، فِخْذٌ، فِخِذٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

ٻئين حڪم جي لاءِ ٽي شرط آهن ناقص:

❶..... "فَعِلَ" جي وزن تي هجي، نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: نَصَرَ.

❷..... "حَلْقِيُ الْعَيْنِ" نہ هجي، هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: فَخِذٌ.

❸..... "اِسم" ۾ هجي، نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: شَهِدَ.

جتي اهي سيئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو. جيئن: ڪَتِفٌ. انکي سواءِ اصل جي ڪَتْفٌ ۽ ڪِتْفٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

ٽئين حڪم جي لاءِ ٽي شرط آهن ناقص:

❶..... ”فَعِلَ“ جي وزن تي هجي، نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: نَصَرَ.

❷..... ”حَلْقِي الْعَيْنِ“ نہ هجي، هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: شَهِدَ.

❸..... ”فِعل“ ۾ هجي، نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: كَتِفٌ.

جتي اهي سيئي شرط لينداتہ اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو. جيئن: عَلِمَ. ان کي سواءِ اصل جي عَلْمَ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

ڪجھ بيا اهڙا وزن ايندا آهن جنهن ۾ هڪ هڪ وجھ پڙهڻ جائز آهي:

جيئن: (فَعُلٌ) عَضُدٌ. انکي عَضْدٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

(فِعِلٌ) اِبِلٌ. انکي اِبْلٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

(فُعُلٌ) عُنُقٌ. انکي عُنْقٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

(فُعُلٌ) قُفُلٌ. ان کي قُفْلٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

فائده: عَرَبَ بہ قسم آهن:

1. اَهْل حِجَازِ 2. غير اَهْل حِجَازِ.

مڪہ، مدينہ ۽ طائف وارن کي اَهْل حِجَاز ۽ ان کان علاوه کي غير اَهْل حِجَاز چئجي ٿو.

قانون ”يَعْلَمُ يا فعل مضارع“ جو پهريون

هن جو حڪم آهي تہ فعل مضارع معلوم ۾ غير اَهْل حِجَاز وٽ ”يا“ کانسواءِ باقي حروف ”اتين“ کي حرڪت ڪسره جي ڏيڻ جائز آهي.

هن جي لاءِ ٽي شرط آهن ڪامل:

❶..... جنهن باب جي ماضي مڪسورالعين ۽ مضارع مفتوح العين هجي اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: عَلِمَ، يَعْلَمُ. تَعْلَمُ، اَعْلَمُ ۽ نَعْلَمُ انکي تِعْلَمُ، اِعْلَمُ ۽

نِعْلَمُ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

❷..... جنهن باب جي ماضي ۾ همزو وصلي هوندو ته اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو. جيئن: اِكْتَسَبَ، يَكْتَسِبُ. تَكْتَسِبُ، اَكْتَسِبُ ۽ نَكْتَسِبُ انکي تِكْتَسِبُ، اِكْتَسِبُ ۽ نِكْتَسِبُ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

❸..... جنهن باب جي ماضي ۾ "تا" زائده عام اچي ته اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: تَصَرَّفَ، يَتَصَرَّفُ. تَتَصَرَّفُ، اَتَصَرَّفُ ۽ نَتَصَرَّفُ انکي تِتَصَرَّفُ، اِتَصَرَّفُ ۽ نِتَصَرَّفُ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

نوٽ: هڪ باب آهي جنهن ۾ شرط نٿا لين ان جي مضارع معلوم ۾ "يا" کي به حرڪت ڪسره جي ڏيئي پڙهندا آهن. جيئن: اَبیٰ، يَأْبیٰ، تَأْبیٰ، اٰبیٰ ۽ نَأْبیٰ انکي يِأْبیٰ، تِأْبیٰ ۽ نِابیٰ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

فائدو: اَلِفُ ۽ هَمْزَه ۾ فرق: جيڪو حرڪت کان بغيرهجي ۽ سواءِ جهٽڪ جي پڙهيو وڃي اهو "الف" هوندو آهي. جيئن: قَالَ. جنهن تي ڪا حرڪت هجي اهو "هَمْزَه" هوندو آهي. جيئن: سَاَلَ، يا ساڪن هجي ۽ جهٽڪ سان پڙهيو وڃي اهو به "هَمْزَه" هوندو آهي. جيئن: سَاْل.

فائدو: اَلِفُ فَاعِلُ ڇا کي چئجي ٿو؟

جنهن ڪلمه ۾ چار اکر هجن. پهرين ڪلمه کي زبر بئي جاءِ تي "الف" ۽ پوين بن مان پهرين کي ڪسره ۽ آخر کي جو ڪجهه به هجي.

فائدو: اَلِف مَفَاعِلُ ڇا کي چئجي ٿو؟

جنهن ڪلمه ۾ پنج اکر هجن پهريان به مفتوح ٽئين جاءِ تي "الف" پوين بنهن مان پهرين کي ڪسرو ۽ آخر کي جو ڪجهه به هجي.

قانون ”شَرَآئِفُ“ جو

هن جي لاءِ ٻہ حڪم آهن:

